# هيروشيما تي وِيچارَ

October 15, 2007 at 4:42 pm | In Education, Sindhi, سنڌي |
Tags: Japan, Sindhi, جاپان, سنڌي

## هيروشيما تي وِيچارَ

جي وڏي شهرَ سَپورو ۾ ڪاتيا هوڪائدو پويان ٻه ٽي ڏينهن جاپان جي اُترادي ٻيٽَ اٿم. ٽيوڏينهن آئي پهريون ڏينهن هو تنهن ڏينهن ڪانفرنس اجا شروع نه ٿي هُئي. منهنجي گهري شهرَ شمپينَ کان هتان جو وقتُ چوڏهن ڪلاڪ اڳتي آهي. جڏهن وقتَ جو ايڏو ڦيرُ هوُندو آهي، ته جي ٿي سگهندو آهي ته هڪ ٻه ڏينهن پري ديسَ ۾ ڪانفرسن جي منڍ وقتَ اڳُ پُڄندو آهيان جيئين وقت سان ڏينهن رات جي ڦير تي پاڻ هيرايان. سو پهريون هِڪُ ٻه ڏينهَن شهرَ جا پنڌ ڪندو آهيان ۽ تنهن جا باغ بازارون، گهٽيون عمارتون جو ڏيک ڪيان ۽ ماڻهن مرئُنِ جي هل چل ڏِسان.

جاپان گهٽائي وارَ اچڻ ٿيندو رهندو اٿمِ. پانيان ٿو ته پندرهان ويهه وارَ آيو هوُندمِ. خيرُ.

هتي جاپان ۾ ماڻهن کي جَنگُن خلاف ڏاڍي نفرت آهي. سِڪولن ۾ پاڙهِيندا آهن ته جَنگَ ڪري عام ماڻهن کي ڏکيايون ٿينديون آهِن. باغن ۾ دنيا ۾ اَمُنُ لاءِ دعائون

پٽرن تي لکيل هوُنديون آهن. تاقيد لکيل هوُندي آهي تہ دنيا ۾ اَمنُ جي واڌاري لاءِ ٻين ٻين سماجن جي ماڻهن کي هڪَ ٻي کي سمجهڻو پوندو. ڏِکار وڌائڻ سولو آهي، سمجهہ وڌائڻَ لاءِ ڪمُ ڪرڻو ٿو پوي. سو ٽيوڏينهن پنڌ ڪندي اَمن جون ڳالهيون وري ڏِنم.



ڪالهہَ ڪانفرنسِ شروع ٿي. ڪي ڦولهاري پرچا جي وِديارٿين جا هُيا. خيالَ هيِروشيما يونيورسٽيءَ جنهن تاريخ جيِ اونداهيِ مان گذري هيِروشيما تنهن اونداهيِءَ ڏانهن ويَمِ ۽ اَڄُ اُتي جي ماڻهن جي موج تي هيرتِ ڪيمِ.

ڪِنِ تاريخَ جي اونداهين مان رڳواِهو سبق حاصلُ ڪيو تہ هوُ جڳَ ۾ اجا وڏيڪ بُغضُ ۽ ڪِينو پکڙِين. ڀانيان ٿو ڏسڻ جوڳي ڳالهہ اِها آهي تہ هيروشيما ۽ ناگاساڪي ۾ جيئرو بچندڙن ۽ اُنهن جي پوين کهڙو سبق پِرايو ۽ دنيا ڏي کهڙو نياپو اُماڻيِن ٿا. (پاسي ۾ فوٽوُن ايٽمَ بمَ ڪِرڻ جي وقت جو آهي. هيٺ فوٽون ڪاگر مان ٺاهيل بگهہءَ پکيُن جا آهن جيڪي جاپاني لوڪَ رواج ۾ اَمنُ جي

ايٽمي بمَ ڪِرندڙ ماڳَ نِشاني آهن. اِهي جڳَ ۾ امُنُ گهرڻ لاءِ هيروشيما شهر ۾ تي ارپٽيلَ اڏاوت تي آهِن).



ايڏهين هاڻ هرَ سنڌيءَ لاءِ مُمڪِن ناهي تہ هو پاڻ وڃِي سگهي، پَرَ هِنَ حسابي ڪلن (ڪمپيوٽرن) جي جُڳَ ۾ هيروشيما جي ماڻهن جو نياپو اُنهن جي ٺاهيلِ ويبِ جاءِ تان ڏسي سگهجي ٿو ـ ۽ اِهو نياپو نفرتَ ۽ ويرُ وٺڙَ جو نياپو نہ پر امُنَ ۽ اِنسانيتَ پکيڙڻ جو چِتائو ڏي ٿو.

ڀانيان ٿو تہ اِهڙي سوچَ ئي جاپان جي وڏي ڪمال جوڳِي ترقيءَ جو ڪارڻ آهي، جو اهڙِي سوچ ڌاري جاپانيُن ڀڄُ ڊاهہ بدران جاپان سانتِ رکڻ ۽ پاڻ سُڌارڻ تي زور ڏنو.

http://www.csi.ad.jp/ABOMB/

## Goals of the project

- to provide all readers with accurate information concerning the impact the first atomic bomb had on Hiroshima.
- to provide the context for a constructive discussion of what the world can learn from this event and why such weapons of total destruction should never again be used.

تِتي هيِروشيما شهرَ جي مُڪيِءَ جي نياپي هِنَ ريتِ ڏاهب جيِ ڳالھ ڪئيِ آهي -

*Memory is where past and future meet. Respectfully learning the lessons of the past, we want to impress the misery of war and the atomic bombing on the generations of younger people who will be tomorrow's leaders. Similarly, we also need to emphasize the human aspects of education as the basis for peace. Only when life and human rights are accorded the highest priority can young people enjoy lives of boundless hope.*

*At this Peace Memorial Ceremony commemorating the 50th anniversary of the atomic bombing, I am resolved to spare no effort in achieving the abolition of nuclear weapons and the attainment of world peace.*

***delivered by the Mayor of Hiroshima on August 6, 1995***





مٿيان فوٽوُن هيروشيما ايٽم بمباريءَ کان پوءِ ۽ اڄُ جا جاپان بابت وڏيڪ وري ڪڏهن لکندمِ. اَڄُ ٻن ڪلاڪن ۾ مانکي خاص دعوت تي گھرايل وياکياڻ ڏيڻي آهي.

حقُ موجودُ!